# مرزا قليچ بيگ جو تعليمي سجاڳيءَ ۾ ڪردار
# (زينت ناول جي روشنيءَ ۾)

# The Role of Mirza Kalich Beg in Educational Awairness
# (In the Light of Zeenat Novel)

محمد فهيم


## Abstract:

Education is the process that brings about positive changes in the life of human beings as well as in the society. Keeping in view this fact on top priority, Mirza Qaleech initiated a campaign of educational awareness in his writings. He was eye witnessed of those days when people of the society had negligence of education. At that time, seeking education was the matter of shame for people in general and women in particular. Women education was considered as the waste of time. Such circumstances compelled Mirza Qaleech Baig to write "Zeenat" Novel in order to inculcate importance and advantages of education as well as female education in the minds of people. In this novel, he has mentioned outdated thoughts of people prevailed in the Sindhi society and suggested reforms possible through education for individuals and society.


تعليم تربيت ۽ عمل تي مشتمل هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن سان فرد ۽ سماج تي سدائين مثبت اثر پوندا رهيا آهن. تعليم جي شروعات انسان جي تخليق کان ٿي جيڪا سندس اشرف المخلوقات جو باعث بني. چاڪاڻ جو تعليم انسان کي اها سوچ ۽ شعور ڏئي ٿي جنهن سان هو منفي عنصرن کان پنهنجي پاڻ کي بچائي سماج جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾ تعليمي جاڳرتا لاءِ مختلف شخصيتن مختلف تحريڪون هلايون. اهڙن امله ماڻڪن مان مرزا قليچ بيگ بہ هڪ هو جنهن پنهنجي تحرير کي تحريڪ جو ذريعو بڻائي معاشري ۾ علمي سجاڳيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو. سندس اهڙين تحريرن مان "زينت ناول" کي نمايان مقام حاصل آهي.

مرزا صاحب "زينت ناول" 1890ع ۾ لکيو. هي اهو دور هو جڏهن تعليم جي حوالي سان ماڻهن ۾ شعور ڪو نہ هو. بلڪ تعيم حاصل ڪرڻ کي عار سمجهيو ويندو هو. بقول مرزا قليچ بيگ جي:

"انهيءَ وقت مسلماني خاندان اڪثر نہ فقط انگريزي تعليم کان پر سنڌي تعليم کان بہ عار ڪندا هئا". (1)

ان وقت تمام گهٽ خاندان هوندا هئا جن کي تعليم جو شعور هو ۽ اهي مردن جي تعليم سان گڏ نياڻين جي تعليم جو بہ بندوبست ڪندا هئا. جڏهن تہ اڪثر خاندان نياڻين جي تعليم کي فضول سمجهندا هئا ۽ انهن جي حق ۾ نہ هوندا هئا بلڪ ان ڳاله کي مذاق سمجهندا هئا. اهڙي ڳاله جو اظهار مرزا قليچ بيگ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"امان مرحوم ادين کي پڙهائيندي هئي ۽ ناني مرحوم جي گهر جون ڏيئون بہ اچي امان مرحوم وٽ پڙهنديون هيون ۽ سبڻ پرڻ جو ڪم سکنديون هيون. اسان جي هڪ ننڍي پيڻ کي بابي مرحوم ۽ مون پارسي پڙهائي ۽ تمام گهڻا ڪتاب پڙهي ويئي ۽ چڱي طرح پڙهڻ سکندي هئي. امان مرحوم بہ پڇاڙي تائين پڙهڻ لکڻ ۽ سبڻ پرڻ جي مشغولي رکندي آئي. مون شادي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي گهرواريءَ کي پارسي ۽ انگريزي لکڻ پڙهڻ سيکاريو. پنهنجي وڏي ڌيءُ کي بہ مون ساڳي تعليم ڏني ۽ ماستر رکي پڙهايو. پنهنجي ٻئي ڌيءُ کي تہ انگريزي اسڪول ۾ بہ موڪلي ڏنم پر مرزائن ۾ اسين پهريان هئاسين جن انگريزي پڙهي ۽ پنهنجن ڌيئن کي بہ لکڻ پڙهڻ سيکاريوسين. اگرچہ اسان جا پاڙي وارا عزيز کلندا هئا ". (2)

اهڙي ماحول ۾ جنم وٺندڙ مرزا قليچ بيگ کي سماج ۾ تعليمي فقدان جو احساس ٿيو ۽ اهو ئي احساس هو جنهن مرزا صاحب کي "زينت" ناول لکڻ تي مجبور ڪيو. هي ناول مرد ۽ عورت جي تعليم تي روشني وجهي ٿو ۽ انهن سان خاندان ۽ معاشري تي پوندڙ اثرن کي پڻ واضع ڪري ٿو جنهن مان هر فرد لاءِ تعليم جي اهميت عيان ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو تعليم ئي فردن کي سٺي ۽ بري، نيڪ ۽ بد ۾ تميز ڪرڻ واري سمجهہ ڏئي ٿي. تعليم انسان کي سوچ ، شعور ۽ سمجهہ ڏئي ٿي جنهن سان هو حال جي حقيقتن کي سامهون رکندي مستقبل کي سنوارڻ جي قابل

ٿئي ٿو. تعليم صرف بند ڪمري ۾ ويهي پڙهڻ جو نالو نہ آهي بلڪہ اها رسمي ۽ غير رسمي طريقين سان علم حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. اهو علم زندگيءَ جي هر قدم تي رهنمائي ڪري ٿو ۽ ماڻهوءَ کي صحيح فيصلو ڪرڻ جي لائق بنائي ٿو. اهڙو هڪ مثال "زينت" ناول مان کڻجي ٿو جنهن ۾ علي رضا حاصل ڪيل علم جي بنياد تي ننڍي عمر ۾شاديءَ بابت پنهنجي ماءُ جي اڳيان هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

"امان! جڏهن سچ پچ عمر جو ننڍو هوس ۽ ڪمائڻ جهڙو نہ هوس، تڏهن تہ بيشڪ منهنجو اهڙو اعتراض هو ڇالاءِ جو جيتوڻيڪ ننڍي عمر ۾ اڪثر شاديءَ جو گهڻو شوق ٿيندو آهي، مگر جيڪي پڙهيو اٿم ۽ ڏٺو اٿم تنهن موجب ڄاڻان ٿو تہ ننڍي ڄمار ۾ شادي ڪرڻ مان ڇا حاصل آهي. پهرين تہ ماڻهو جڏهن پاڻ مائٽن تي بار آهي، تڏهن وري زال پرڻجي وڏيڪ بار ڇالاءِ ٿجي؟ تنهن کان سواءِ ننڍي وهيءَ جي شادي ڪري سڌاري جا ڪم جيڪي سگهندا آهن سي ڇڏايو وڃن ۽ ننڍي وهيءَ جا ٻار جيڪي ڄمن ٿا سي اڪثر ضعيف ٿا ٿين ۽ ننڍي وهيءَ جي شادي ڪري ماڻهو پاڻ بہ جلد پيريءَ ۽ ضعيفيءَ کي پهچي ٿو". (3)

مرزا قليچ بيگ سماج ۾ مروج غلط طور طريقن، سوچن ۽ فضول رسمن کان چڱيءَ ريت واقف هو جن کان سماج کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ اهڙن مسئلن کي "زينت" ناول ۾ زير بحث آندو آهي ۽ تعليم جي ذريعي انهن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ماڻهن کي همٿايو آهي. تعليم ماڻهن جي سوچ کي بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ فرسوده خيالن ۽ برن عملن کي معاشري مان ختم ڪرڻ لاءِ نوان گس ۽ رستا ڏيکاري ٿي. اهوئي سبب آهي جو با شعور فرد فضول رسمن، رواجن ۽ اجائي خرچن کان بيزار ٿي بهتر حڪمت عملي جوڙين ٿا ۽ انهن جو خاتمو آڻين ٿا.زينت ناول ۾ پڻ هن ڳاله جي پرچار ڪيل آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حامد ۽ علي رضا ٻئي لکيل پڙهيل دوست آهن جيڪي شاديءَ جي فضول رسمن ۽ اجاين خرچن کان بچڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙين ٿا.

"هو ٻيئي نئين زماني جا ماڻهو هئا، نئون چلتون ڏٺيون هئائون، ان بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هئائون ۽ چڱن ماڻهن کان ٻڌو هئائون. تنهنڪري اهڙين ڳالهين

بابت ٻنهي جي هڪڙي راءِ هئي. ان موجب پاڻ ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيائون تہ اها شادي جا ٿيندي سا هو نئين ۽ سڌريل رٿ پٽيان ڪن ۽ اڳوڻا رستا ڇڏي ڏين. هنن کي سجهيو ٿي تہ اهڙن ڪمن ۾ زالن جي ٻيگهي مڇندي آهي ۽ مڙسن جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هلندي آهي، پر ٻنهي سان سندن مائرن جي محبت گهڻي هئي ۽ جهڙي هي هنن جي مرضي رکندڙ هئا تهڙي هو هنن جي مرضي رکنديون هيون. تنهنڪري هنن جاتو تہ اسين ڪي لٺ سان، ڪي ڇٽ سان سيڻي کي آڻي پنهنجي رستي تي بيهارينداسين". (4)

اسان جي معاشري ۾ عورت سدائين مظلوم ۽ مجبور رهي آهي. ڪيس مرد جي پيرن جي جتي ڇيو ۽ سمجهيو ويندو آهي ۽ سندس ڪردار کي چوء ديواريءَ تائين محدود ڪيو ويندو آهي. هي فرسوده خيال اڄ بہ اسان جي سماج ۾ رائج آهن. نياڻي جي ڄمڻ سان والدين کي جنهن ڳالهہ جو فڪر هوندو آهي سا سندس شادي آهي. ڌيءُ جي ڄمڻ کان وٺي مائٽ پائي پائي جمع ڪري ڏاج جو بندوبست ڪرڻ ۾ عمر ڳاري ڇڏيندا آهن، جڏهن تہ ڪين ڌيءُ جي تعليم جي ڳڻتي بہ نہ هوندي آهي. اڄ بہ اڪثر خاندان هن ڳاله جا قائل آهن تہ "نياڻي پڙهي ڇا ڪندي؟" عورت جي باري ۾ جڙيل اهڙن اصطلاحن جي پاڙ پٽڻ لاءِ مرزا قليچ بيگ ناول ۾ زينت کي مرڪزي ڪردار ۾ پيش ڪيو. زينت ناول ۾ مرزا صاحب ماڻهن جي ذهنن ۾ اها سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سٺي تعليم ۽ سٺي تربيت عورتن لاءِ تمام ضروري آهي. ڇا ڪاڻ جو هڪ باشعور عورت ڪٽنب ۽ معاشري ۾ پنهنجو مثالي ڪردار ادا ڪري ٿي. هوءَ گهرو معاملن کي خوش اسلوبيءَ سان نبيري ٿي، هر قسم جي حالتن جو همت ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪري ٿي،زندگيءَ کي بهتر طريقي سان گذاري ٿي ۽ زندگيءَ جي هر معاملي ۾ گهري پر وسيع سوچ رکي ٿي. نياڻين جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مرزا صاحب علي رضا جي ڪردار ذريعي سماج کي همٿايو آهي جيڪو هڪ سنڌي چوڻي "مرد پڙهيو تہ هڪ فرد پڙهيو، عورت پڙهي تہ خاندان پڙهيو" جي مصداق پنهنجي زال کي وڌيڪ تعليم ڏئي ٿو. جهڙي طرح ناول ۾ ذڪر ڪيل آهي:

"زال مڙس ٻنهي ديني ۽ علمي سڌاري ۾ بہ پريندي ڪان گهٽي ڪوشش ڪئي. هڪڙو وقت مقرر ڪري ڇڏيو هئائون، جنهن تي مڙس زال کي انگريزي پڙهائيندو هو ۽ ٻيا جيڪي ڪتاب اسڪولن ۾ پڙهائيندا آهن. جهڙوڪ تاريخ، جاگرافي، حساب وغيره سي بہ هن کي پڙهائيندو هو. جيتوڻيڪ اهي زال کي گهٽي ڪم جا نہ هئا، پر تڏهن بہ واقفيت جي لاءِ هن ضروري ڄاتا". (5)

قوم جي اصلاح،ترقي ۽ وڌاري جو فڪر انهن ذهنن ۾ جنم وٺي ٿو جيڪي علم جي لاٽ سان منور هوندا آهن. جڏهن تہ علم جي نور کان وانجهيل معاشري جي فردن جي سوچ فقط پنهنجي ذات تائين محدود هوندي آهي. اهڙا ماڻهو نہ پاڻ ٻين لاءِ ڪارآمد ٿين ٿا ۽ نہ وري ٻين کي چڱا ڪم ڪرڻ ڏين ٿا. اهي دراصل سماج تي بوجهہ هوندا آهن.سڌريل سماج ۽ باشعور قوم جي پنيان پڙهيل لکيل عورت ۽ مرد جو وڏو ڪردار هوندو آهي. اهي نسلن جي ڪرداري ۽ اخلاقي تعمير ڪن ٿا ۽با شعور قوم جو بنياد رکن ٿا. سندن جيئڻ ٻين ڪاڻ هوندو آهي جيڪو تعليم جو بنيادي نڪتو بہ آهي.مرزا صاحب اهڙي ڳالهہ جي پرچار ناول ۾ هن طرح ڪئي آهي.

"علي رضا کي هھڙي پڙهيل ۽ سڌريل زال گهر ۾ هئي، سو انهيءَ کان وڏيڪ فائدي وٺڻ جي اميد پيو رکندو هو. زماني جو اٿليل پٿليل ماڻهو هو وڏن وڏن شهرن ۾ ڏٺو ۽ ٻڌو هئائين تہ هاڻوڪي زماني ۾ زالون اهڙا عجيب عجيب ڪم ٿيون ڪن جي مڙسن کان بہ مشڪل ٿي سگهن. هن جي زال کي چڱي تعليم تہ اصل مليل هئي، ٻي وري پاڻ ذني هئائين، سا بلڪل چالاڪ ٿي ويئي هئي. جڏهن اڳي بمبئي ۾ آيو هو ۽ پنهنجي زال بہ ٿي آنداڻين تڏهن سندس خاص مطلب اهو هو تہ ڌارئين ملڪ ۾ رهڻ ڪري جا بندش وطن ۾ رهندي آهي سا ڪا نہ رهندي، آءَ زال کي علم ۽ هنر جو چڱو فائدو وٺارائيندس ۽ جي ٿي سگهيو تہ ٻئي گڏجي ڪنهن رستي پنهنجي قوم وارن کي فائدو رسائينداسين".(6)

اسان جو سنڌي معاشرو انيڪ مسئلن ۽ موذي مرضن ۾ وچڙيل آهي، جنهن جو سبب تعليم کان دوري آهي. تعليم ڏانهن عدم دلچسپي ماڻهن کي جهالت ڏانهن ڌڪي ٿي ۽ معاشري ۾ ڪيترين ئي خرابين جو باعث بنجي ٿي. جن کان ڇوٽڪارو

حاصل ڪرڻ صرف تعليم جي ذريعي ئي ممڪن آهي.ان سوچ کي سامهون رکندي مرزا صاحب "زينت ناول" تخليق ڪيو. هن ناول ۾ مرزا صاحب ان وقت جي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي جڏهن ماڻهن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو رجحان تمام گهٽ هو ۽ نياڻين جي تعليم جو لاڙو نہ هئڻ جي برابر هو.اهڙي معاشري ۾ مرزا صاحب تعليم جي سجاڳيءَ جو علمبردار ٿيو. پاڻ هن ناول جي ذريعي تعليم جي اهميت ۽ ضرورت ۽ خصوصاً نياڻين جي تعليم جي فائدن کان ماڻهن کي روشناس ڪرايو ۽سندس تعليمي جاڳرتا سماج ۾ قائم ڪيل قديم مفروضن ۽ فضول ريتن رسمن جو خاتمو آندو.

## حوالا


1. بيگ، مرزا قليچ، 2012ع، "سائو پن يا ڪارو پنو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص 4.
2. بيگ، مرزا قليچ، 1958ع، "يادگيريون"، سنڌ شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص 58.
3. بيگ، مرزا قليچ، 1995ع، "زينت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص 23.
4. ايضاً، ص 60.
5. ايضاً، ص 67.
6. ايضاً، ص 150_151.